تقريباً 35 سال پهريان ٿيل جو بيان

# قبر جون هولناڪيون

سنڌي



شيخ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال
مُحَمّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي
دامت برڪاتهم العاليہ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفکر بيروت)

طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **قبر جون هولناڪيون**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت، حضرتِ علّامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو تقريبًا 35 سال پهريان جو بيان

# قبر جون هولناڪيون

ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# قبر جون هولناڪيون [1]

**دعاءِ خليفهِ عطار:** ياربّ الۡمصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو "**قبر جون هولناڪيون**" پڙهي يا ٻڌي وني، ان کي قبر جي هولناڪين کان محفوظ فرماءِ ۽ اُن جي والدين سميت بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## درود شريف جي فضيلت

هڪ ڀيري ڪنهن فقير ڪافرن کان ڪجهه گُهريو. انهن مذاق جي طور تي امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الۡمرتضيٰ شيرِ خدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ ڏانهن موڪلي ڇڏيو. جيڪي سامهون وينا هئا. ان (يعني فقير) حاضر ٿي ڪري (ڪجهه گهرڻ لاءِ) هٿ وڌايو. پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ ڏهه ڀيرا درود شريف پڙهي ان جي هٿن جي ترِيءَ تي دم ڪري ڇڏيو ۽ فرمايائون، مٺ بند ڪري ڇڏيو ۽ جن ماڻهن موڪليو آهي انهن جي سامهون وڃي کوليو. (ڪافر کِلي رهيا هئا تہ خالي ڦوڪ هٿڙ سان ڇا ٿيندو!) پر جڏهن فقير انهن جي سامهون وڃي مٺ کولي تہ اها سون جي دينارن

---

[1] عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي شروعات ۾ امير اهل سُنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جي ٿيڻ وارن مختلف آڊيو بيانن کي تحريري صورت ۾ "فيضانِ بياناتِ عطار" جي نالي سان المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)جي شعبي "بياناتِ امير اهل سنت" جي طرفان ترميم ۽ اضافي سان پيش ڪيو ويو. الحمدللّٰه الڪريم! اُنهن بيانن مان هاڻي شعبہ "هفتيوار رسالي جو مطالعو" 25 فيبروري 1988ء تي گلزار حبيب مسجد(سولجر باراز ڪراچي، پاڪستان) ۾ ٿيڻ واري هڪ بيان" قبر جون هولناڪيون" کي الڳ سان رسالي جي صورت ۾ منظر عام تي آڻي رهيو آهي.

سان پريل هئي! هيءَ ڪرامت ڏسي ڪيترائي ڪافر مسلمان ٿي ويا
(راحت القلوب ص 72)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي زندگي جي گاڏي نهايت تيزي سان هلي رهي آهي، جيڪڏهن توهان تصوُّر ڄمائي پنهنجي ماضي ڏانهن ڏسندؤ ته تصور ئي تصوُّر ۾ پنهنجي ننڍپڻ ۾ پُڄي ويندا ۽ سوچيندا ته جڏهن اسان ننڍا هئاسين ته هن طرح راند ڪيڏندا هئاسين ۽ هيئن هيئن شرارتون ڪندا هئاسين. ٿورو غور ڪيو! ڇا ايئن نٿو لڳي ته اسان جي زندگي برف جي پگهرڻ ڪان به وڌيڪ تيزي سان پگهرجي رهي آهي! واقعي جڏهن اسان پنهنجي ماضي تي غور ڪيون ٿا ته اسان جي دل ٻڌڻ لڳي ٿي ته اسان جي عمر ايتري ٿي وئي آهي ۽ عنقريب اسان جي حياتي جا باقي ڏينهن به گذري ويندا. پوءِ جيئن اسان پنهنجي ڏاڏي ۽ والد صاحب کي قبر ۾ ڇڏي آيا هئاسين، ايئن ئي هڪ ڏينهن اُهو به ايندو جو اسان جي اولاد، اسان جا ڀائر يا ويجها عزيز مٺ مائٽ اسان کي به قبرستان ڇڏي ايندا ۽ پوءِ اسان کي قيامت تائين اُتي ئي رهڻو پوندو، ياد رکو! قبر ۾ صرف نيڪ عمل ڪم ايندا، جڏهن ته اسان جو سمورو مال جنهن کي اسان پنهنجي زندگي ۾ ڏينهن رات محنت ڪري جمع ڪيو هيو اهو سڀ هتي ئي رهجي ويندو ۽ اسان جا وارث اُن کي پاڻ ۾ ورهائي کائي ڇڏيندا، تنهنڪري عقلمندي ان ۾ آهي ته اسان پنهنجي سڄي توجهه مال جمع ڪرڻ جي بجائي قبر ۽ آخرت جي تياري ڪرڻ تي رکون. ڪٿي ايئن نه ٿي جو اسان فڪرِ آخرت ڪان غافل ٿي ڪري پنهنجي سڄي زندگي دنياوي مال ۽ دولت ۾ جمع ڪرڻ ۾

گذاري چڏيون ۽ پوءِ دنيا کان روانو ٿي ڪري اسان کي قبر ۽ آخرت جي هولناڪين جو سامنو ڪرڻو پئي! ڏسو! قبر جون هولناڪيون تمام گهڻيون آهن، جيئن هن سلسلي ۾ حضرت عُمر بن عبدالعزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي آخري ڏينهَن جو هڪ نهايت ئي رقت انگيز ۽ خوف ڏياريندڙ واقعو پيش ڪيان ٿو ان کي صرف رسمي طور تي نہ بلڪ دل جي ڪنن سان ٻڌو ۽ قبر جي هولناڪين کان بچڻ جو سامان ڪيو، جيئن تہ

حضرت عُمَر بن عبد العزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡههڪ جنازي سان گڏ تشريف وٺي ويا، تہ ماڻهو اڳتي وڌي ويا ۽ پاڻ پوئتي رهجي ويا، ماڻهو جنازو رکي سندن انتظار ڪرڻ لڳا جڏهن پاڻ پهتا تہ ڪنهن چيو: اي امير المؤمنين! اوهان تہ ميت جا ولي آهيو، اوهان جنازي ۾ اسان کي ڇڏي ڪٿي رهجي ويا هئا، فرمايائون:”هاڻي هاڻي هڪ قبر مون کي سڏي چوڻ لڳي: اي عمر بن عبدالعزيز مون کان چونہ ٿو پڇين تہ مان پنهنجي اندر اچڻ وارن سان ڪهڙو سلوڪ ڪريان ٿي؟ مون ان قبر کي چيو: مون کي ضرور ٻڌاءِ. اها چوڻ لڳي: جڏهن ڪو منهنجي اندر ايندو آهي تہ مان ان جو ڪفن ڦاڙي جسم جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندي آهيان، ان جو رت چوسي ۽ ان جو گوشت کائي ڇڏيندي آهيان، ڇا توهان مون کان هي نہ پڇندؤ تہ مان ان جي سَنڌن سان ڇا ڪندي آهيان؟ مون چيو، ضرور ٻڌاءِ. تہ چوڻ لڳي: مان هٿن کي ڪَارائين کان، ڪارائين کي ٻانهن جي جوڙ کان، ٻانهن جي جوڙ کي ڪُلهن کان، گوڏن کي پِنين کان ۽ پِنين کي قدمن کان جدا ڪري ڇڏيندي آهيان. ايترو چوڻ کان بعد حضرت عمر بن عبد العزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سڏڪا ڀري روئڻ لڳا پوءِ فرمايائون: ٻڌو! هن دنيا جي عُمر تمام ٿوري آهي جيڪو گنهگار هن دنيا ۾ عزت وارو آهي آخرت ۾

ذليل ۽ خُوار ٿيندو، جيڪو مالدار آهي آخرت ۾ فقير ٿيندو، ان جو جوان پوڙهو ٿي ويندو ۽ زنده مري ويندو، تنهنڪري دنيا جو توهان ڏانهن اچڻ توهان کي ڌوڪي ۾ نہ وجهي ڇوتہ توهان کي خبر آهي تہ هي تمام جلد رُخصت ٿيڻ واري آهي. دوکي ۾ پوڻ وارو اهو ئي آهي جيڪو دوکو کائي. ڪيڏي ويا هن ۾ آباد ٿيڻ وارا؟ جن شهر آباد ڪيا، نهرون(شاخون) کوٽايون ۽ وڻ لڳرايا، پر ان ۾ تمام ٿورو رهي سگهيا. انهن کي صحت و تندرستي دوکي ۾ وجهي رکيو ۽ چُستي مغرور بڻائي ڇڏيو جنهن ڪارڻ گناهن ۾ پئجي ويا. خدا جو قسم! اُن مال جي ڪري هنن تي حسرت ڪئي ويندي آهي جيڪو انهن نهايت ڪنجوسي کان بعد حاصل ڪيو ۽ ان جي جمع ڪرڻ جي سبب انهن کان حسد ڪيو ويندو آهي. سوچو! مٽي ۽ ريت انهن جي جسمن سان ڇا حال ڪيو؟ قبر جي ڪيڙن سندن هڏن ۽ جوڙن سان ڇا حشر ڪيو؟ هي دنيا ۾ تہ خوشحالي ۽ سڪون سان رهندا هئا، نرم ۽ ملائم بسترن تي سمهندا، نوڪر ۽ خادم سندن خدمت ۾ مصروف رهندا، گهر وارا انهن جي عزت ۽ پاڙيسري سندن حمايت ڪندا هئا. جيڪڏهن توهان انهن کي پڪاري سگهو تہ گذرندي ضرور پڪارجو ۽ جيڪڏهن انهن کي سڏي سگهو تہ ضرور سڏجو. توهان انهن مُردن جي لشڪرن وٽان لنگهو تہ جن گهرن ۾هُو عيش ۽ عشرت سان رهندا هئا انهن جي آسپاس بہ ڏسجو. انهن جي مالدارن سان پڇو: توهان وٽ ڪيترو مال بچيو آهي؟ انهن جي فقيرن کان پڇو: توهان جو فقر ڪيترو باقي آهي؟ انهن کان سندن زبانن جي متعلق پڇو جن سان هُو ڳالهيون ڪندا هئا، انهن کان اکين جي باري ۾ پڇو جن سان هُو بدنگاهي ڪندا هئا. انهن کان پڇو تہ سنهڙي جسم، خوبصورت شڪل، نرم و نازڪ بدن سان ڪيڙن ڇا حشر ڪيو؟ ڪيڙن سندن رنگ اڏائي ڇڏيا، گوشت کائي ويا، سندن شڪل و صورت کي خاڪ

سان ملائي ڇڏيو، خوبصورتي کي ختم ڪري ڇڏيو، چيلهہ جي هڏي ٽوڙي جسم جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيا ۽ جوڙن کي ريزه ريزه ڪري ڇڏيو. انهن کان پڇيو توهان جا خيما ۽ عورتون ڪيڏانهن ويون؟ خدمتگار ڪيڏي ويا؟ غلام ڪٿي آهن؟ جمع ڪيل مال ملڪيت ۽ خزانا ڪٿي آهن؟ الله پاڪ جو قسم! انهن قبر جي لاءِ ٿوري به تياري نہ ڪئي، نہ ڪو سهارو ناهيو، نہ ئي نيڪي جو ڪو ٻوٽو لڳايو، قبر ۾ سڪون ماڻڻ جي لاءِ ڪجهہ بہ نہ موڪليو. هاڻي ڇا هُو تنهائي ۽ ويرانن ۾ ناهن پيا؟ ڇا هاڻي انهن جي لاءِ ڏينهن رات برابر ناهي؟ ڇا هاڻي هُو اونداهي قبر ۾ ناهن؟ ها! هاڻي انهن جي ۽ انهن جي عمل جي وچ ۾ رڪاوٽ ڪئي وئي آهي ۽ انهن جي پنهنجن پيارن کان جدائي ٿي وئي آهي. ڪيترن ئي خوشحال مَردن ۽ عورتن جي حالت تبديل ٿي وئي، انهن جا چهرا سڙي ويا، سندن جسم منديءَ کان جدا ٿي ويا، سندن سَنڌ الڳ الڳ ٿي ويا، انهن جون اکيون ڳلن تي وهي آيون، وات رت ۽ پونءِ کان ڀرجي ويا، انهن جي جسمن ۾ ڪيڙا مڪوڙا گهمڻ لڳا، عضوا وکرجي جدا ٿي ويا، خدا جو قسم! ٿوري ئي عرصي ۾ سندن هڏا سڙي سڪي ويا، باغ باغيچا ڇڏائجي ويا، ڪشادگي کان بعد هُو غربت ۾ وڃي پيا، سندن بيواهن وڃي ٻيا مڙس ڪيا، اولاد گهٽين ۾ دربدر ڌڪا کائي رهيو آهي، عزيزن رشتيدارن انهن جا گهر ۽ ميراث پاڻ ۾ ورهائي ڇڏيا، خدا جو قسم! انهن مان ڪجهہ خوش نصيب اهي آهن جن جي قبرن ۾ ڪشادگي، رونق ۽ تازگي آهي ۽ هُو قبرن ۾ مزا ماڻي رهيا آهن. اي سڀاڻي قبر ۾ وڃڻ وارا شخص! توکي دنيا جي ڪهڙي شيءِ دوکي ۾ رکيو؟ ڇا تون اهو سمجهين ٿو تہ هميشہ رهندين يا هيءَ دنيا تنهنجي لاءِ باقي رهندي؟ تنهنجو وسيع گهر ۽ تنهنجي جاري ڪيل نهر ڪيڏي وئي؟ تنهنجا پڪل ميوا ڪيڏي ويا؟ تنهنجا سنها باريڪ ڪپڙا ۽ خوشبو ڪٿي

آهي؟ تنهنجي گرمي سردي جا ڪپڙا ڪٿي آهن؟ ڇا تو مرڻ واري کي ناهي ڏٺو ته جڏهن ڪيس موت ايندو آهي ته هُو پاڻ کان گهٻراهٽ پري ناهي ڪري سگهندو، پگهر ۾ ٻڏل رهندو آهي، اُڃ سبب تڙپندو ۽ موت جي سختي ۽ تڪليف ڪارڻ پاسا مٽائيندو آهي. ربّ ڪائنات جي بارگاهه مان حڪم اچي ويو آهي، تقدير جو اَٽل فيصلو ٿي چڪو آهي ۽ اهو اَمر اچي چڪو آهي جنهن سان تون بچي نٿو سگهين.

(پوءِ پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳا) افسوس! صد افسوس! اي پيءُ، ڀاءُ ۽ پٽ جون اکيون بند ڪري کين غسل ڏيڻ وارا! اي ميت کي ڪفن ڏيڻ ۽ ان کي اتارڻ وارا! اي قبر ۾ اڪيلو ڇڏي ڪري موٽي وڃڻ وارا! ڪاش! تون ڄاڻي وٺي ها ته تون ڪهڙي ۽ سخت زمين ۾ ڪهڙي حالت ۾ هوندي؟ ڪاش تون ڄاڻي وٺي ها ته تنهنجو ڪهڙو ڳل پهريان سڙندو؟ اي هلاڪت وارين شين ۾ پوڻ وارا! تون (عنقريب) مُڙدن ۾ وڃي آباد ٿيندي. ڪاش! توکي معلوم ٿي وڃي ها ته دنيا کان ويندي وقت مَلڪُ الموت عَلَيۡهِ السَّلَام توکان ڪهڙي حالت ۾ ملندا؟ ۽ منهنجي ربّ جو ڪهڙو پيغام آڻيندا. پوءِ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه عربي ۾ شعر پڙهيا، جن جو خلاصو ڪجهه هيءُ آهي:

(1) توهان فاني شين ۾ خوش ۽ تماشن ۾ ايئن مصروف آهيو جيئن سُتل کي خواب جي لذت دوکي ۾ رکيو آهي. (2) اي دوکي ۾ مبتلا شخص! تنهنجو ڏينهن پل ۾ غفلت ۾ گذرندو جڏهن ته رات سمهڻ ۾ گذرندي آهي پوءِ تنهنجي هلاڪت لازمي آهي. (3) تون ان شيءِ ۾ پيل آهين جنهن جي ختم ٿيڻ کي تون ناپسند ڄاڻين ٿو اهڙي زندگي ته دنيا ۾ جانور به جيئندا آهن.

هي شعر پڙهڻ کان بعد حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه اُتان کان هليا آيا ۽ ان جي هڪ هفتي کان پوءِ سندن وصال ٿي ويو.

(حلية الاولياء، 295/5 ، رقم: 7180)

پيارا اسلامي ڀائرو! هن عبرتناڪ واقعي جي هڪ هڪ سٽ اسان کي جهنجوڙي ڪري جاڳائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، پر افسوس! صد افسوس! شايد انهن ڳالهين کي ٻڌڻ جي لاءِ اسان جا ڪن ٻوڙا ٿي ويا آهن ۽ انهن ڳالهين کي قبول ڪرڻ جي لاءِ اسان جي دل تيار ناهي ڇوتہ اُها نهايت ئي سخت ٿي چڪي آهي ۽ اُن تي ڪاراڻ ڇائنجي وئي آهي. ٿي سگهي ٿو اسان جي دل نصيحت قبول ڪرڻ جي لاءِ انڪري تيار نہ ٿيندي هجي جو گناهن جي ڪري اها بلڪل ڪاري ٿي وئي هجي. ياد رکو! جڏهن گناهن جي سبب دل مڪمل طور تي ڪاري ٿي وڃي تہ اها نصيحت قبول ناهي ڪندي. جيئن تہ

## دل تي سياه نقطو (ڪارو ٽٻڪو)

حديث پاڪ ۾ اچي ٿو: ”يُذْنِبُ الذَّنْبَ فَيُنْقَبَضُ مِنْهُ“ يعني جڏهن ڪو انسان گناهہ ڪندو آهي تہ ان جي دل تي هڪ ڪارو نقطو ٻڌجي ويندو آهي ”ثُمَّ يُذْنِبُ الذَّنْبَ فَيُنْقَبَضُ مِنْهُ حَتّٰى يُخْتَمَ عَلَيْهِ “ يعني جڏهن هُو ٻيو ڀيرو گناهہ ڪندو آهي تہ ٻيو ڪارو نقطو ٻڌجندو آهي ايستائين جو ان جي دل سياهہ يعني ڪاري ٿي ويندي آهي. ”فَيَسْمَعُ الْخَيْرَ فَلَا يَجِدُ لَهٗ مُسَاغًا “ نتيجو اهو نڪرندو آهي جو ڀلائي جي ڳالهہ سندس دل تي اَثر انداز ناهي ٿيندي. (تفسير در منثور، پ30،المطففين،تحت الآية:14 ، 446/8) اهڙو ئي ڪجهہ حال اسان جو آهي جو اسان تي نصيحت اثر ناهي ڪندي ۽ اسان نصيحت جي ڳالهہ قبول ناهيون ڪندا حالانڪ اسان ڪيئي ڀيرا قبر جي پڪار جي متعلق هي روايتون پڙهندا ٻڌندا رهندا آهيون تہ

## قبر روزانو پنج ڀيرا پڪاريندي آهي

قبر روزانو پنج ڀيرا سڏي چوندي آهي: **اي انسان!** اَڄ تون منهنجي پُٺي تي غرور ۽ تڪبر سان هلي رهيو آهين پر ياد رکجانءِ! سڀاڻي تون منهنجي پيٽ ۾ اچڻ وارو آهين. **اي انسان!** اَڄ تون منهنجي پُٺيءَ تي لذيذ غذائون ۽ عمده قسم جا کاڌا کائي رهيو آهين پر ياد رکجانءِ! سڀاڻي منهنجي اندر توکي ڪيڙا کائيندا. **اي انسان!** اڄ تون منهنجي پٺيءَ تي غفلت سان کِلي رهيو آهين پر ياد رکجانءِ! سڀاڻي جڏهن موت جو شڪار ٿي منهنجي اندر ايندين ته توکي روئڻو پوندو. **اي انسان!** اڄ تون منهنجي پُٺيءَ تي خوشيون ملهائي رهيو آهين پر ياد رکجانءِ سڀاڻي تون منهنجي اندر اچي غمزده ٿي ويندين. **اي انسان!** اڄ تون منهنجي پُٺيءَ تي خوب گناهه ڪري رهيو آهين پر ياد رکجانءِ سڀاڻي جڏهن منهنجي اندر ايندين ته توکي پنهنجي ڪيل سزا ڀوڳڻي پوندي. ( تنبيہ الغافلين ،ص23)

## قبر ۾ باهه ڀڙڪائي وئي

پيارا اسلامي ڀائرو! قبر جي هولناڪين ۾ مبتلا ٿيڻ جا ڪيترائي سبب آهن. غيبت ڪرڻ ۽ پيشاب جي ڇنڊن کان نه بچڻ جي ڪارڻ به انسان قبر جي هولناڪين ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي. جيئن ته حضرت ابو اُمامہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي ته نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم بقيعِ غرقد اچي ٻن قبرن وٽ بيهي ارشاد فرمايائون: ڇا توهان فلاڻي ۽ فلاڻي کي، يا فرمايو: فلاڻي فلاڻي کي دفنائي ڇڏيو؟ صحابہ ڪرام(عَلَیۡہِم الرِّضۡوَان) عرض ڪيو: جي ها يارسول اللّٰه(صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم)، ارشاد فرمايائون: هاڻي هاڻي فلاڻي شخص کي(قبر ۾) ويهاري

ماريو ويو آهي، پوءِ فرمايائون: اُن ذات جو قسم جنهن جي قبضهٴ قدرت ۾ منهنجي جان آهي! اُن کي ايترو تہ ماريو ويو آهي جو سندس سَنڌُ سَنڌَ کان جدا ٿي ويو آهي ۽ ان جي قبر ۾ باھ ڀڙڪائي وئي آهي ۽ اُن اهڙي رڙ ڪئي آهي جنهن کي جِنّ ۽ انسان کان سواءِ سڀ مخلوق ٻڌي ورتو آهي ۽ جيڪڏهن توهان جي دلين ۾ فساد نہ هجي ها ۽ توهان وڌيڪ ڳالهيون نہ ڪيو ها تہ توهان بہ اهو ٻڌو ها جيڪو مان ٻڌان ٿو. پوءِ فرمايائون: هاڻي ٻئي کي بہ ماريو پيو وڃي. وري فرمايائون: اُن ذات جو قسم جنهن جي دَستِ قدرت(قدرت واري هٿ) ۾ منهنجي جان آهي! ان کي بہ ايتري قدر زور سان ماريو ويو آهي جو ان جي بہ هڏي هڏيءَ کان جدا ٿي وئي آهي ۽ ان جي قبر ۾ بہ باھ ڀڙڪائي وئي آهي، ان بہ اهڙي رڙ ڪئي جنهن کي جِنّ ۽ انسان کان سواءِ سڀ مخلوق ٻڌي ورتو آهي ۽ جيڪڏهن توهان جي دلين ۾ فساد نہ هجي ها ۽ توهان وڌيڪ ڳالهيون نہ ڪيو ها تہ توهان بہ اهو ٻڌو ها جيڪو مان ٻڌان ٿو. صحابہ (عَلَيْهِمِ الرِّضْوَان) عرض ڪيو: يارسول الله(صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)! انهن کي ڪهڙي سبب سزا ڏني وئي آهي؟ ارشاد فرمايائون: پهريون شخص پاڻ کي پيشاب جي ڇنڊن کان نہ بچائيندو هيو ۽ ٻيو شخص ٻين ماڻهن جو گوشت کائيندو(يعني غيبت ڪندو) هيو. (الخصائص الکبریٰ، 89/2)

## مسلمانو ٻڌي وڃو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هن روايت ۾ غيبت ڪرڻ ۽ پيشاب کان نہ بچڻ وارن جي لاءِ عبرت جا ڪوڙ سارا مدني گُل آهن، جيڪي ماڻهو پيشاب ڪري پاڪي حاصل ناهن ڪندا ۽ بدن ۽ ڪپڙا ناپاڪ ڪري ڇڏيندا آهن انهن کي بہ ڊڄڻ گهرجي، فرمانِ مصطفيٰ

صَلَّى اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: پيشاب کان بچو عام طور تي قبر جو عذاب انهيءَ سبب ٿيندو آهي. ( دار قطنى ،184/1،حديث:453)

## پيشاب کان نہ بچڻ واري جي قبر مان پڪار

دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي 413 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”عيون الحڪايات“ حصو ٻيو صفحي 187 تي آهي تہ حضرت عبدالله بن عُمر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُما فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو سفر جي دوران منهنجو گذر جاهليت واري زماني جي قبرستان کان ٿيو، اوچتو هڪ مڙدو قبر مان نڪتو ان جي ڪنڌ ۾ باهہ جي زنجير ٻَڌل هئي، مون وٽ پاڻي جو هڪ ٿانءُ هيو، جڏهن اُن مون کي ڏٺو تہ چوڻ لڳو: ”اي عبدالله! مون کي ٿورو پاڻي پيئار!“ مون دل ۾ سوچيو: هن مونکي نالو وٺي سڏيو آهي يا تہ هي مون کي سڃاڻي ٿو يا وري هي مون کي عربن جي طريقي مطابق ”عبدالله“ چئي سڏي رهيو آهي. پوءِ اچانڪ انهيءَ قبر مان هڪ ٻيو شخص نڪتو، اُن مون کي چيو: ”اي عبدالله! هن نافرمان کي هرگز پاڻي نہ پيئارجان، هي ڪافر آهي.“ ٻيو شخص پهرين شخص کي گِهلي واپس قبر ۾ وٺي ويو، مون اها رات هڪ پوڙهيءَ جي گهر ۾ گذاري، ان جي گهر جي ويجهو هڪ قبر هُئي، مون قبر مان اِهو آواز ٻڌو: يعني پيشاب! پيشاب ڇا آهي؟ مشڪيزو! مشڪيزو ڇا آهي؟“ مون پوڙهي کان ان آواز جي باري ۾ پڇيو تہ ان ٻڌايو: هيءَ منهنجي مڙس جي قبر آهي، هُو ٻن غلطين جي سزا ڀوڳي رهيو آهي، پيشاب ڪرڻ مهل هُو پيشاب جي ڇنڊن کان نہ بچندو هيو، مان ان کي ڏاڍو سمجهائيندي هيس تہ توتي افسوس! جڏهن اُٺ پيشاب

ڪندو آهي تہ اُهو بہ پنھنجي پيرن کي ڦهلائي چندن کان بچندو آهي پر ٽُون هن معاملي ۾ بلڪل بہ احتياط نٿو ڪرين، منھنجو مڙس منھنجي هنن ڳالهين تي بلڪل بہ توجهہ نہ ڏيندو هيو، جڏهن هُو مئو تہ مرڻ کان بعد کان وٺي اڄ تائين سندس قبر مان اهڙي قسم جا آواز اچن ٿا، مون پڇيو: ”مشڪيزو! مشڪيزو ڇا آهي؟“ جو آواز بہ آيو پئي ان جو ڇا مقصد آهي؟ ڪُراڙيءَ ٻڌايو: هڪ ڀيرو سندن وٽ هڪ اڃايل شخص آيو، ان پاڻي گهريو تہ (هِن اُن کي پريشان ڪرڻ جي اِرادي سان خالي مشڪيزي جي طرف اشارو ڪندي) چيو: وڃ! هن مشڪيزي مان پاڻي پِيءِ، اهو سخت اُڃارو بيتابي سان مشڪيزي جي طرف وڌيو، جڏهن مشڪيزو ڪنيائين تہ اهو خالي هيو، سخت اُڃ سبب هُو بيهوش ٿي ڪِري پيو ۽ اُن جي موت واقع ٿي وئي، پوءِ جڏهن کان منھنجو مڙس مئو آهي اڄ تائين روزانو سندس قبر مان آواز ايندو آهي: ”مشڪيزو! مشڪيزو ڇا آهي؟“ حضرت عبداللّٰہ بن عُمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما فرمائن ٿا: مون رسول اللّٰہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي ڪري سمورو واقعو عرض ڪيو تہ سرڪار عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تنها سفر ڪرڻ کان منع فرمايو. (عيون الحڪايات، ص:307 ـ عيون الحڪايات (مترجم)،187/2)

## بي نمازيءَ کي قبر ۾ ڏنيون ويندڙ ٽي سزائون

پيارا اسلامي ڀائرو! بي نمازي هجڻ قبر جي هولناڪين ۾ مبتلا ٿيڻ جو سبب آهي، جيئن تہ منھنجي آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: جيڪو نماز کي سُستي جي ڪري ڇڏي ڏيندو اللّٰہ پاڪ ان کي قبر ۾ ٽي قسم جون سزائون

ڏيندو: (1) ان جي قبر کي ايترو سوڙهو ڪيو ويندو جو ان جون پاسراٽيون هڪٻئي سان ملي وينديون (2) ان جي قبر ۾ باهه ڀڙڪائي ويندي پوءِ اهو ڏينهن رات ڪوئلن تي ابتو سبتو ٿيندو رهندو ۽ (3) قبر ۾ ان تي هڪ ازدهو (يعني تمام وڏو نانگ) مسلط ڪيو ويندو جنهن جو نالو اَلشُّجَاعُ الْاَقْرَع (يعني گنجو نانگ) آهي، ان جون اکيون باهه جون هونديون جڏهن ته ننهن لوهه جا هوندا، هر ننهن جي ڊيگهه هڪ ڏينهن جي مسافت (يعني فاصلي) تائين هوندي، اهو ميت کان ڪلام (يعني گفتگو) ڪندي چوندو "مان اَلشُّجَاعُ الْاَقْرَع (يعني گنجو نانگ) آهيان". ان جو آواز ڪڙڪيدار بجلي جيان هوندو، اهو چوندو: "منهنجي رب مونکي حڪم ڏنو آهي ته فجر نماز ضايع ڪرڻ تي طلوعِ آفتاب (يعني سج نڪرڻ) کان بعد تائين ماريندو رهان ۽ نماز ظهر ضايع ڪرڻ تي عصر تائين ماريندو رهان ۽ نمازِ عصر ضايع ڪرڻ تي مغرب تائين ماريندو رهان ۽ نمازِ مغرب ضايع ڪرڻ تي عشاء تائين ماريندو رهان ۽ نماز عشاء ضايع ڪرڻ تي فجر تائين ماريندو رهان." جڏهن به اهو ان کي (يعني مڙدي کي) ماريندو ته اهو ستر هٿن تائين زمين ۾ ڌڪجي ويندو ۽ اهو قيامت تائين عذاب ۾ مبتلا رهندو. (قرة العيون معه الروض الفائق ،ص384 )[1]

**اي بي نمازيو!** ياد رکو! جيڪڏهن اڄ نمازون نه پڙهيون ته قبر جي هولناڪين ۾ مبتلا ٿيڻو پوندو، خدا جو قسم! قبر ۾ گنجي نانگ جو ڏنگڻ هرگز برداشت نه ٿي سگهندو ۽ صرف ايترو ئي نه بلڪ بي نمازين کي ٻيا به عذاب ڏنا ويندا لهٰذا هاڻي کان

1 ڪيترن ئي محدثن هن روايت جي اسناد تي جرح فرمائي آهي ۽ ڪيترن ئي عالمن وعظ و نصيحت جي ڪتابن ۾ هن کي شامل به ڪيو آهي. (فيضان نماز، حاشيه، ص 427)

سچي توبہ ڪري ونو ۽ پنهنجو اهو ذهن بڻايو تہ هاڻي اسان پابندي سان پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪنداسين ۽ اڄ کان بعد اسان جي ڪابہ نماز قضا نہ ٿيندي.

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي ذڪر کان منهن موڙڻ بہ قبر جي تنگي ۽ ان جي هولناڪين ۾ مبتلا ٿيڻ جو سبب آهي ۽ قيامت جي ڏينهن الله پاڪ اهڙن کي انڌو ڪري اٿاريندو جيئن تہ سيپاري 16 سورت طٰهٰ جي آيت نمبر 124 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَمَنْ اَعْرَضَ عَنْ ذِكْرِیْ فَاِنَّ لَهٗ مَعِیْشَةً ضَنْكًا وَّ نَحْشُرُهٗ یَوْمَ الْقِیٰمَةِ اَعْمٰى ﴿۱۲۴﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جنهن منهنجي ياد کان منهن ڦيريو پوءِ بيشڪ ان جي لاءِ تنگ زندگي آهي ۽ اسان ان کي قيامت جي ڏينهن انڌو اٿارينداسين.

تنگ زندگي جي وضاحت ”تفسير خزائن العرفان“ ۾ ڪجھ هن طرح آهي: دنيا ۾ يا قبر ۾ يا آخرت ۾ يا دين ۾ يا انهن سڀني ۾، دنيا جي تنگ زندگي اها آهي تہ هدايت جي پيروي نہ ڪرڻ سان بري عمل ۽ حرام ۾ مبتلا ٿي يا قناعت کان محروم ٿي ڪري حرص ۾ گرفتار ٿي وڃي ۽ مال جي ڪثرت ۽ اسباب کان بہ اُن کي فراخي ۽ دلي سڪون حاصل نہ ٿي، دل هر شيءِ جي طلب ۾ آواره ٿي ۽ حرص جي غمن کان تہ هي نہ هُو نہ حالت اونداهہ ۽ وقت خراب رهي ۽ مومن مُتَوَڪِّل وانگر ان کي سڪون ۽ سُک حاصل ئي نہ ٿي جنهن کي حياتِ طيّبہ چوندا آهن ۽ قبر جي تنگ زندگي اها آهي تہ حديث شريف ۾ آهي تہ ڪافر تي 99 گنجا نانگ سندس قبر ۾ مسلط ڪيا ويندا آهن. حضرت ابن عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا فرمايو: شانِ

نزول: هي آيت اَسود بن عَبدُالعزي مخزومي جي حق ۾ نازل ٿي ۽ قبر جي زندگي مان مراد قبر جو ان سختي سان دٻائڻ آهي جنهن سان هڪ پاسي جون پاسراٽيون ٻي پاسي اچي وينديون آهن ۽ آخرت ۾ تنگ زندگي جهنم جي عذاب ۾ جتي ٿوهڙ ۽ ٻرندڙ پاڻي جهنمين جي پونء کائڻ پيئڻ جي لاءِ ڏني ويندي ۽ دين ۾ تنگ زندگي اها آهي تہ نيڪي جون راهون تنگ ٿي وڃن ۽ انسان حرام ڪمائڻ ۾ مبتلا ٿي. حضرت ابن عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُما فرمايو تہ ٻانهي کي ٿورو ملي يا گهڻو، جيڪڏهن خوفِ خدا ناهي تہ اُن ۾ ڪجهہ ڀلائي ناهي ۽ هي تنگ زندگي آهي. (تفسير خزائن العرفان،پ16،طٰہٰ،تحت الآية:124،ص598)

پيارا اسلامي ڀائرو! قبر جي هولناڪين ۾ اسان جي لاءِ تمام گهڻو عبرت جو سامان آهي پر شيطان اسان تي مسلط ٿي ويو آهي ۽ ان ايتري قدر اسان جي دلين ۽ اسان جي عقلن تي قبضو ڄمائي ورتو آهي جو اَڄ اسان گناهن کان دُوري اختيار ڪري پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون پياريون پياريون سنتون اپنائڻ جي لاءِ تيار ناهيون.

اڄ اسان کي سنتون سکڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي سنتن ڀري اجتماعن ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ جي دعوت ڏني ويندي آهي تہ اسان تيار ناهيون ٿيندا. ياد رکو! شيطان وڏو هوشيار، مڪار ۽ دغاباز آهي، هُو هي نٿو چاهي تہ اسان دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ رهون، مدني قافلن ۾ سفر ۽ هفتہ وار سنتن ڀري اجتماعن ۾ شرڪت ڪيون ڇوتہ اهو ڄاڻي ٿو جيڪڏهن هي دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويا، مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ لڳا ۽ هفتہ وار سنتن ڀري اجتماعن ۾ پابندي سان حاضر ٿيڻ لڳا تہ ڪٿي ايئن نہ ٿي جو پڪا نمازي

ٻڌجي وڃن، ڪٿي ايئن نہ ٿي جو هي سينما گهرن ۽ ڊراما گاهن کان رشتو ٽوڙي مسجدن سان رشتو جوڙي وٺن، ڪٿي ايئن نہ ٿي جو جيڪي ڏاڙهيون ڪوڙائيندا، رات ڏينهن گاريون ڏيندا، ڳائڻ ٻڌندا ۽ فلمون ڊراما ڏسندا هئا اهي نيڪ ٻڌجي وڃن، الله، الله ڪرڻ لڳن ۽ پنهنجي چهري تي پياري پياري آقا صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنت ڏاڙهي شريف سجائي وٺن، اهو ئي سبب آهي جو مبلغن جي باربار دعوت ڏيڻ جي باوجود شيطان اسان کي دعوت اسلامي جي هفتہ وار سنتن ڀري اجتماعن ۾ شرڪت ناهي ڪرڻ ڏيندو، ڪڏهن اهو اسان جي رستي ۾ دوستن جي صورت اختيار ڪري بيهي رهندو آهي ۽ ڪڏهن دُڪان کولرائي اسان کي روڪي ڇڏيندو آهي.

## آخر موت آهي

ڏسو! هن دنيا ۾ اوهان وڌ ۾ وڌ 70 يا 75 سال زنده رهندؤ پر پوءِ موت اچي ويندو، اڳي وڏڙيون دعائون ڏيندي چونديون هيون تہ الله پاڪ توکي سؤ سال زندگي ڏي تہ جيڪڏهن ڪو انسان سؤ سال زندگي جِي بہ وٺي آخرڪار اُن کي مرڻو ئي پوندو ۽ اهو جيئڻ بہ ايئن هوندو جو شايد موت گهرڻو پئجي وڃي، ڇوتہ بعض اوقات پوڙهائپ جي زندگي محتاجي ۾ گذرندي آهي، ٻانهو بستر تي پيل هوندو آهي پيشاب وغيره سڀ ڪجهہ بستر ئي تي ٿي رهيو هوندو آهي ۽ انسان نہ اٿي سگهندو آهي ۽ نہ ئي پاسو ورائي سگهندو آهي جنهن سبب بستر تي پيل بدن ۾ ڇالا ۽ زخم پئجي ويندا آهن. ياد رهي! سؤ سال دل وندرائڻ جي لاءِ آهي نہ تہ پوري زمين ۾ سؤ سال عُمر ماڻڻ وارا شايد ڪجهہ سؤ يا ڪجهہ هزار ماڻهو هوندا، اڄڪلهہ

صورتحال اها آهي جو هر طرف موت ئي موت نظر اچي ٿو، اوهان پنهنجي مُحلي وارن تي ئي نظر گهمايو! خبر پئجي ويندي ته پوڙها ۽ پوڙهيون ڪيتريون آهن! روزانو اسڪوٽرن، ڪارن وغيره جا حادثا ۽ پوءِ برادري جا جهيڙا ٿيندا آهن ته ايئن اڄڪلهه موت آسان ٿي چڪو آهي. روزانو جي بُنياد تي مُسلمانن جو پاڻ ۾ وڙهڻ سندن گناهن جي سزا آهي نه ته اڳي مُسلمان هڪٻئي جا مُحافظ هئا. مُهاجرين ۽ انصار صحابہ جي مثال اوهان جي سامهون آهي ته انهن پنهنجو اڌ اڌ سازو سامان مهاجرين صحابہ کي ڏئي ڇڏيو جڏهن ته اَڄ مُسلمان هڪٻئي کي برداشت ڪرڻ جي لاءِ تيار ناهين، اهو سڀ انهيءَ ڪري پوڳڻو پئجي رهيو آهي جو مسلمانن اللّٰہ پاڪ جي احڪامن کي ٽوڙي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنتن کان منهن موڙي ڇڏيو آهي. هتي اهو ياد رهي! ”دنياوي مشڪلات ۽ پريشانين جي ڪري موت جي دعا ڪرڻ ناجائز ۽ منع آهي.“ ( فضائل دُعا،ص180)

## زندگي جو مقصد

ياد رکو! اللّٰہ پاڪ جي بارگاھ ۾ عزت ۽ فضيلت جو دارومدار نسب ناهي بلڪ پرهيزگاري آهي جيئن ته سيپاري 26 سورت حُجرات جي آيت نمبر 13 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

| |
|---|
| اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْ ؕ |
| ترجموڪنزالعرفان: ”بيشڪ اللّٰہ وٽ توهان مان سيني کان وڌيڪ عزت وارو اهو آهي جيڪو توهان ۾ وڌيڪ پرهيزگار آهي.“ |

لهٰذا ڪنهن رئيس، صدر ۽ وزير جي گهر ۾ پيدا ٿي وڃڻ

سعادتمندي ناهي بلڪ هيءَ دنيا دارالعمل ۽ ڪليو ميدان آهي جيڪو نيڪين ۾ جيترو مضبوط ٿيندو ۽ جيتريون وڌيڪ نيڪيون ڪندو اڳتي نڪرندو ويندو.

ياد رکو! زندگي جو مقصد وڏيون وڏيون ڊگريون حاصل ڪرڻ، ڪائڻ پيئڻ ۽ مزا ماڻڻ ناهي. الله پاڪ آخر اسان کي زندگي ڇو عطا فرمائي؟ اچو! قرآن پاڪ جي خدمت ۾ عرض ڪيون ته اي الله پاڪ جي سچي ڪتاب! تون ئي اسان جي رهنمائي فرماءِ ته اسان جي جيئڻ ۽ مرڻ جو مقصد ڇا آهي؟ قرآنِ عظيم مان جواب مليو:

| |
|---|
| الَّذِیۡ خَلَقَ الۡمَوۡتَ وَ الۡحَیٰوۃَ لِیَبۡلُوَکُمۡ اَیُّکُمۡ اَحۡسَنُ عَمَلًا ؕ |
| ترجموڪنزالعرفان: "اهو جنهن موت ۽ زندگي پيدا ڪئي ته توهان جي جاچ ٿي ته توهان مان ڪنهن جو ڪم چڱو آهي." (پ29،الملڪ:2) |

هن آيت مبارڪ جي حوالي سان تفسير خزائن العرفان ۾ آهي: "(يعني هن موت ۽ زندگي کي انهيءَ ڪري پيدا ڪيو ويو ته جيئن آزمايو وڃي ته) هن دنيا جي زندگي ۾ ڪير وڌيڪ مطيع (يعني فرمانبردار) ۽ مُخْلص آهي." (خزائن العرفان،پ29،ملک ،تحت الآية:2،ص1040 )

## بيهوش ٿي ڪِري پيا

پيارا اسلامي ڀائرو! خدارا هوش ڪيو! پنهنجي عقل تي زور ڏئي ڪري ٿورو سوچيو ته اسان هن دنيا ۾ ڇو آيا آهيون؟ اَڄ اسان پنهنجي آخرت جي باري ۾ غور و فڪر نٿا ڪيون ۽ جيڪڏهن ڪو اسان جي سامهون فڪرِ آخرت جي متعلق قرآنِ پاڪ جون آيتون پڙهي يا حديثون بيان ڪري ته اسان تي خوفِ خدا طاري ناهي ٿيندو جڏهن ته اسان جا بُزرگانِ دين فڪرِ آخرت جي متعلق آيتون ٻڌي

ڪري بيهوش ٿي ويندا هئا يا وري فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويندا هئا، جيئن تہ مسلمانن جا پيان خليفہ اَميرُ المؤمنين حضرت عُمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: جيڪو الله پاڪ کان ڊڄندو آهي اهو ڪاوڙ ناهي ڪندو ۽ جيڪو الله پاڪ وٽ پرهيزگاري اختيار ڪندو آهي اهو پنهنجي مرضي ناهي ڪندو ۽ جيڪڏهن قيامت نہ هجي ها تہ اسان ڪجھ ٻيو ڏسون ها، پوءِ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ هيءَ آيت ڪريمہ تلاوت فرمائي: ﴿اِذَاالشَّمْسُ كُوِّرَتْ ﴾(پ30،التكوير:1) ترجمو ڪنزالعرفان: ”جڏهن سج کي ويڙهيو ويندو.“ پوءِ جڏهن هن آيت تي پهتا ﴿وَاِذَاالصُّحُفُ نُشِرَتْ ﴾ ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جڏهن اعمال ناما کوليا ويندا. تہ بيهوش ٿي ڪري پيا.“ (احياء العلوم، 226/4)

## مان مجرمن مان آهيان


حضرت مِسوَر بن مَخرَمہ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ سخت خوف سبب قرآن پاڪ مان ڪجھ ٻڌڻ تي قادر نہ هئا ايستائين جو سندن سامهون جڏهن هڪ حرف يا آيت پڙهي ويندي هئي تہ رڙ ڪندي بيهوش ٿي ويندا هئا، پوءِ ڪيئي ڏينهن تائين ڪيس هوش نہ ايندو هيو، هڪ ڏينهن خثعم قبيلي جو هڪ شخص سندن سامهون آيو ۽ اُن هي آيتون پڙهيون:

| |
|---|
| يَوْمَ نَحْشُرُ الْمُتَّقِيْنَ اِلَى الرَّحْمٰنِ وَفْدًا ﴿۸۵﴾ وَّ نَسُوْقُ الْمُجْرِمِيْنَ اِلٰى جَهَنَّمَ وِرْدًا ﴿۸۶﴾ |
| ترجمو ڪنزالعرفان: جنهن ڏينهن اسان پرهيزگارن کي رحمٰن ڏانهن مهمان بڻائي وٺي ويندا سين. ۽ ڏوهارين کي جهنم جي طرف اجارو هڪليندا سين. (پ16،مريم:85-86) |

هي ٻڌي ڪري پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمايو: افسوس مان مجرمن مان آهيان ۽ پرهيزگارن مان ناهيان، اي قاري! ٻيهر پڙهو: هن وري پڙهيو تہ پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ هڪ نعرو لڳايو ۽ سندن روح جسم کان جدا ٿي ويو.
(احياء العلوم،ڪتاب الخوف والرجاء، 4/ 227)

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان اسان جا اسلاف ڪيتري قدر خوفِ خُدا رکڻ وارا هئا پر اسان جو مُعاملو ان جي برخلاف آهي! ڏسو! زندگي نهايت مختصر آهي ۽ عنقريب اسان کي انڌيري قبر ۾ لاٿو ويندو، تنهنڪري قبر ۽ آخرت جي فڪر ڪندي گناهن کان بچو ۽ خوب خوب نيڪيون ڪيو. جيڪڏهن گناهه ڪرڻ جي دل ڪري تہ اهو سوچيو تہ ”الله پاڪ اسان کي ڏسي رهيو آهي ۽ اسان ان جي سلطنت ۾ آهيون“ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اوهان گناهه ڪرڻ کان بچي ويندا.

## ايندڙ هفتي جو رسالو




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net